SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر XXVI مجريه 1994

SINDH ACT NO.XXVI OF 1994

سنڌ مڪاني حڪومت (ٽين ترميم) ايڪٽ، 1994

THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (THIRD AMENDMENT) ACT, 1994

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 3 جي ترميم
Amendment of section 3 of Sindh Ordinance XII of 1979
3. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 10 جي ترميم
Amendment of section 10 of Sindh Ordinance XII of 1979
4. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 23 جي ترميم
Amendment of section 23 of Sindh Ordinance XII of 1979
5. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 26 جي ترميم
Amendment of section 26 of Sindh Ordinance XII of 1979
6. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 38 جي ترميم
Amendment of section 38 of Sindh Ordinance XII of 1979

7. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 40 جي ترميم
Amendment of section 40 of Sindh Ordinance XII of 1979
8. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 60 جي ترميم
Amendment of section 60 of Sindh Ordinance XII of 1979
9. منسوخي
Repeal

سنڌ ايڪٽ نمبر **XXVI** مجريه

1994

SINDH ACT NO.XXVI OF 1994

سنڌ مڪاني حڪومت (ٽين ترميم) ايڪٽ، 1994

THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (THIRD AMENDMENT) ACT, 1994

تمهيد (Preamble)

[4 آڪٽوبر 1994]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن ته سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ مڪاني حڪومت (ٽين ترميم) ايڪٽ، 1994 سڏيو ويندو.
(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 3 جي ترميم
Amendment of section 3 of Sindh Ordinance XII of 1979

2. سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ به ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعه 3 جي شق 83 کي ختم ڪيو ويندو.

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 10 جي ترميم
Amendment of section 10 of Sindh

Ordinance XII of 1979

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 23 جي ترميم

Amendment of section 23 of Sindh Ordinance XII of 1979

3. چاٽايل آرڊيننس جي دفعه 10 ۾:

(i) ذيلي دفعه (1) جي شق (a) ۾، ذيلي شق (iii) ۾، شرطيه بيان کي ختم ڪيو ويندو؛

(ii) ذيلي دفعه (2) ۾، لفظن "ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن يا" جي لاءِ لفظن "ضلعي ڪائونسل" کي متبادل بڻايو ويندو.

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 26 جي ترميم

Amendment of section 26 of Sindh Ordinance XII of 1979

4. چاٽايل آرڊيننس جي دفعه 23 ۾، لفظن "دفعه 14 جي ذيلي دفعه (1) جي شق (a) ۾ چاٽايل" کي لفظن ۽ ڪاما "سرڪاري ميمبرن ڪانسواءِ، جيڪڏهن ڪو هجي" کي متبادل بڻايو ويندو.

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 38 جي ترميم

Amendment of section 38 of Sindh Ordinance XII of 1979

5. چاٽايل آرڊيننس جي دفعه 26 ۾ ذيلي دفعه (4) کي ختم ڪيو ويندو.

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 40 جي ترميم

Amendment of section 40 of

6. چاٽايل آرڊيننس جي دفعه 38 ۾، پهرين شرطيه بيان ۽ ٻئي شرطيه بيان ۾ لفظ "وڌيڪ" کي ختم ڪيو ويندو.

Sindh Ordinance XII of 1979

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 60 جي ترميم

Amendment of section 60 of Sindh Ordinance XII of 1979

7. چاٽايل آرڊيننس جي دفعه 40 جي ذيلي دفعه (1) ۾:

(i) لفظن ۽ ڪاما "هڪ زونل ميونسپل ڪميٽي،" کي ختم ڪيو ويندو؛

(ii) پهرين شرطيه بيان ۾، لفظن "يا ڪا زونل ميونسپل ڪميٽي" کي ختم ڪيو ويندو؛

(iii) ٻئي شرطيه بيان کي ختم ڪيو ويندو.

8. چاٽايل آرڊيننس جي دفعه 60 ۾:

(i) ٻئي ۽ ٽئين شرطيه بيان کي ختم ڪيو يوندو.

(ii) ذيلي دفعه (2) کي ختم ڪيو ويندو.

9. چاٽايل آرڊيننس جي شيڊول I ۾:

(i) جريان نمبر I لاءِ ۽ ان جي داخلا جي جاءِ تي، هيٺين کي متبادل بڻايو ويندو:

"1. ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن. 204"

(ii) جريان نمبر I-A ۽ ان ۾ داخلا کي ختم ڪيو ويندو؛

(iii) جريان نمبر 2 ۾ داخلا ۾، لفظن "زونل ميونسپل ڪميٽيز ڪانسواءِ" کي ختم ڪيو ويندو.

10. چاٽايل آرڊيننس جي شيڊول II ۾:

(i) حصي I لاءِ، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"ڪم جي ڪارپوريشنز، ميونسپل ڪميٽيز ۽ ٽائون ڪميٽيز طرفان ڪيا ويندا لازمي ڪم

حصو I

ڪم جيڪي رڳو ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن طرفان ڪيا ويندا.

1. ڪم جيڪي خاص عوامي صحت جي خدمتن سان لاڳاپيل آهن:

(a) خراب نالين جي نظام، سيوريج ٽريٽمينٽ پلانٽ ۽ سيوريج فارمس جي منصوبابندي، ترقي ۽ مرمت.

(b) پڳل ٽٽل ڊسپوزل پلانٽس جي منصوبندي، ترقي ۽ مرمت.

(c) جانور ڪهڻ وارين ڪالونيز جي منصوبابندي، ترقي ۽ مرمت.

(d) ويڪٽر ڪنٽرول جي منصوبابندي ۽ نظرداري.

(e) فوڊ ليبارٽريز جي منصوبابندي، ترقي ۽ مرمت.

(f) هوا ۽ پاڻي جي گدلاڻ تي ضابطو.

2. عوامي روڊن ۽ برساتي نالن جي منصوبابندي، ترقي ۽ مرمت سان لاڳاپيل ڪم:

(a) برساتي نالن جي منصوبابندي، ترقي ۽ مرمت.

(b) روڊن ۽ پلن جي تعمير ۽ مرمت.

3. متفرق ڪم:

(a) ورڪ شاپس ۽ پريس جي منصوبابندي،

ترقي ۽ مرمت.

(b) چڙيا گهرن، مڇي گهر، پارڪس، باغن ۽ راندين جي ميدانن جي منصوبابندي، ترقي ۽ مرمت.

(c) لائبريريز، ميوزيمس ۽ آرٽ گيلريز جي منصوبابندي، ترقي ۽ مرمت.

(d) گرانٽس، قرضن ۽ ٻي مدد حاصل ڪرڻ، منظور ڪرڻ ۽ منظم ڪرڻ.

(e) عوامي سهولت جي پروجيڪٽن جهڙوڪ تفريحي مرڪزن، ساموندي ڪنارن ۽ قبرستانن جي منصوبابندي، ترقي ۽ مرمت.

(f) زمينن جي ٽڪڙن جو بچاءُ.

(g) باهه وسائڻ وارين خدمتن جي منصوبابندي، ترقي ۽ مرمت.

(ii) حصي I-A کي ختم ڪيو ويندو.

11. چاٽايل آرڊيننس جي شيڊول V ۾:

(i)حصي I لاءِ، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"ٽيڪسز، ريٽس، ٽولس ۽ فيس جيڪي ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن، ميونسپلٽيز ۽ ڊسٽرڪٽ ڪائونسلز طرفان لڳايا ويندا".

حصو I

ٽيڪسز، ريٽس، ٽولس ۽ فيس جيڪي ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن طرفان لڳايا ويندا.

1. موٽر گاڏين ۽ ٻيڙين تي ٽيڪس.

2. ڊرينيج ٽيڪس

3. مخصوص عوامي مفاد يا عوامي پلائي جي پروجيڪٽن تي مخصوص عرصي لاءِ

منسوخي

Repeal

ڊولپمينٽ ٽيڪس.

4. ڄجهي مقدار ۾ پاڻي جي فراهمي لاءِ نرخ.

(ii)حصي I-A کي ختم ڪيو ويندو.

(iii)حصي II ۾ لفظن "ڪانسواءِ" لاءِ لفظ "بشمول" کي متبادل بڻايو ويندو.

12. جيستائين ڪجهه سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 جي متضاد نه هجي، سنڌ مڪاني حڪومت (ٽين ترميم) ايڪٽ، 1994 جي نافذ ٿيڻ کان:

(i) سمورا اثاثا بشمول متحرڪ ۽ غير متحرڪ ملڪيت جي ۽ ان جون سموريون زونل ميونسپل ڪميٽيز جون ذميواريون منتقل ٿي ويندیون يا جيئن به معاملو هجي ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن ڏي منتقل ٿي ويندیون.

(ii) ميونسپل ڪميٽيز جا عملدار، ۽ ملازم ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن ڏانهن بدلي ٿي ويندا.

13. جتي سنڌ مڪاني حڪومت (ٽئين ترميم) ايڪٽ، 1994 جي نافذ ٿيڻ جي ڀارنهن مهينن اندر ڪا ڏکيائي پيش اچي، ڇاڻايل ايڪٽ جي گنجائشن جي عملدرآمد جي سلسلي ۾، حڪومت اهڙي ڏکيائي کي ختم ڪرڻ لاءِ خاص هدايتون جاري ڪري سگهي ٿي.

14. سنڌ مڪاني حڪومت (ٽين ترميم) آرڊيننس، 1994 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.